هن رٿا جي سهائتا يورپي يونين
ڪري رهي آهي

BROCHURE

PAK

2012



# رٿا جو جائزو:

# پاڪستان جي ساموندي پٽي تي رهندڙن جي آبهوائي تبديلين سان پاڻ نڀائڻ جي قابليت وڌائڻ

## اسان جو مقصد

- ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان جو عزم، فطرت ۽ ماحولي ماندائٽن کي هيٺئين طريقن رستي سانڍڻ آهي:
- جينياتي (genetic)، حياتياتي جنسن (species) ۽ ماحولي سرشتي جي گوناگونيت (biodiversity) جي سانڊ ڪرڻ.
- اها پڪ ڪرڻ ته تجديدي (renewable) قدرتي وسيلن جو هاڻ ۽ آئيندي/ڊگهي عرصي دوران پائدار طريقن سان استعمال ٿيندو رهي.
- اهڙين سرگرمين کي زور وٺائڻ، جن سان گدلاڻ/غلاظت ۽ گند ڪچري جو بيهر استعمال ۽ وسيلن ۽ توانائيءَ جو استعمال ٿي سگهي.

وڌيڪ معلومات لاءِ مهرباني ڪري هيٺئين پتي تي رابطو ڪيو:


پاڪستان جي ساموندي پٽي تي رهندڙن
جي آبهوائي تبديلين سان پاڻ نڀائڻ جي
قابليت وڌائڻ، ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان

606 - 607 ڇهين ماڙ، فارچون سينٽر
پي اي سي ايچ ايس، بلاڪ - 6
شاهراهه فيصل، ڪراچي - 75400
فون: 92-44791 345 21 92 +

ڊزائين :ندا شمس
ترجمو: ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو
نظرثاني: ناصر علي پنهور



هيءَ ڇوپڙي يورپي يونين جي سهڪار سان شايع ڪئي وئي ۽ منجهس ڏنل مواد جو نجي ذميوار ورلڊ وائيڊ فنڊ فار نيچر - پاڪستان آهي جنهنڪري اها ڪنهن به لحاظ کان يورپي يونين جي عڪاسي ڪندڙ ناهي.

## پس منظر

جنوري 2011ع ۾ ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان (WWF-P) کي يورپي يونين (EU) فنڊ جي انوائرنمينٽ ائنڊ نيچرل رسورس ٿيمئٽڪ پروگرام بجيٽ (ENRTP) مان پاڪستان جي سامونڊي پٽي تي آباد ماڻهن جي متجندڙ آبهوائي حالتن مطابق پاڻ نهڪائڻ جي قابليت وڌائڻ (CCAP) جي هڪ رٽا هلائڻ جو پروگرام ڏنو، جنهن تي ڊبليو ڊبليو ايف — برطانيه ۽ ليڊ - پاڪستان جي سهڪار سان عملدرآمد ٿيندو.

هن رٽا جو مجموعي مقصد آهي ته جيئن آبهوائي لحاظ کان سال 2025ع تائين پاڪستان جي سمورن ساحلي ۽ پاڙيسري علائقن جا ماحولي سرشتا بحال ٿيندڙ هجن، ته جيئن اهي سامونڊي پٽي جي رهواسين جي گذر سفر جي ذريعن لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن. جڏهن ته هي 5 سالن (2011-2015) جي مدي جي هڪ مخصوص رٽا آهي جنهن هيٺ "سال 2015ع تائين حڪومت ۽ مقامي ماڻهن جي متجندڙ آبهوائي حالتن سان پاڻ نهڪائڻ جي قابليت وڌائي، پاڻيءَ جي انتظام ڪاري کي بهتر بڻائي ۽ انڊس ڊيلٽا جي ماحولي سرشتي جي آبهوا ۾ سڌارو آڻي سگهجي جن تي ساحلي آبادين جي گذرسفر جو مدار آهي، علائقائي ۽ بين السرحدي تعاون سان ڊيلٽائين ۾ ٿيندڙ، پاڻ نهڪائڻ جي ڪمن ۾ سهڪار ڪرڻ شامل آهن.





## ڪجهه هن رٽا بابت

سي سي اَي پي جو مقصد پاڪستان جي ساحلي علائقن ۾ مستقل خطري هيٺ رهندڙ ماڻهن لاءِ مختلف سرگرمين ذريعي سندن لاءِ اهڙا خطرا گهٽائڻ آهن، جن ۾ ساحلي علائقن ۾ رهندڙن خاص ڪري ٺٽي ضلعي ۾ ڪيٽي بندر، ڪاري ڇاڻ ۽ گوادر ضلعي ۾ جيوڻي جي متجندڙ آبهوائن سان پاڻ نهڪائڻ جي قابليت وڌائڻ ۽ ساڳئي وقت پاڻيءَ جي مربوط انتظام وڌائڻ بابت ڪوششون ڪرڻ به آهن. هيءَ رٽا، ان پهلوءَ تي به ڌيان ڏيندڙ آهي ته جيئن انتظام ڪاريءَ جو ڍانچو، آبهوائي ڦيرين گهيرين ۽ ايندڙ تبديلين جي اثرن جي حالت ۾ گهٽي موٽ ڏيندڙ ۽ سهگارو ثابت ٿي سگهندڙ هجي.

اهڙن مقصدن ماڻڻ لاءِ، سي سي اَي پي رٽا هيٺ ڪيترائي سلسليوار سائنسي ۽ بنيادي تحقيقي اڀياس ڪيا ويندا. ٻن ماڳن: ڪيٽي بندر ۽ ڪاري ڇاڻ تي مقامي آبهوائي حالتن لاءِ رٿائون جوڙيون وينديون ۽ مقامي ماڻهن سميت حڪومتي ادارن جي ان ڏس ۾ قابليت وڌائي ويندي. انهن سميت هن رٽا هيٺ علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي پاڻيءَ جي وسيلن جي بهتر انتظام ڪاري جي گڏيل دلچسپي لاءِ ڪوششون پڻ ڪيون ويندون.



هن تحقيقي اڀياس رستي خاص طور تي آبادين جي آبهوائي خطرن ۽ تبديلين جي حساسيت جي حوالي سان انڊس ڊيلٽا جي معاشي اپت ۽ ماحولي صحت تي پوندڙ امڪاني خطرن ۽ اثرن جو به جائزو ورتو ويندو. رٿيل ماحولياتي وهڪرن/ ڌارائن جو اڀياس، سنڌو درياءَ جي هيٺاهين وهڪري تي مرڪوز ڪيو ويندو جن مان هن ڊيلٽائي سرشتي ۾ تبديل ٿيندڙ موسمن لاءِ سهپ (resilience) بابت ڪارائتي ڄاڻ حاصل ٿي سگهندي. اهڙو جائزو جامع هوندو: جنهن ۾، سڄي انڊس ڊيلٽا سميت ڪن چونڊيل ماڳن جي ماحولي سرشتن جي آبهوائي تبديلين سبب انجي صحت تي پوندڙ ممڪن تبديلين جي ڪٿ ڪئي ويندي، ماحولي سرشتن، ماڻهن جي قوت گذر ۽ آبهوائي تبديلين وچم لاڳاپن جو اڀياس ڪيو ويندو، خطري وارن ماڳن جي نشاندهيءَ سميت قدرتي سهپ کي سمجهي سگهبو. هن رٿا هيٺ آبهوائي موافقت مطابق رٿائون به تيار ڪرڻ آهن جيڪي سرڪاري رٿائن ۾ شامل ڪيون وينديون ته جيئن اهي پيدا ٿيندڙ ماحولي خطرن، گهرجن ۽ ضرورتن آهر اختيار ڪري سگهجن.

حڪومتي سهڪار جي حوالي سان هن رٿا هيٺ، مٽجندڙ موسمن سان پاڻ نڀائڻ واريءَ سيڙپ کي مختلف شعبن جي پاليسين ۽ مقامي رٿائن ۾ هم آهنگ ڪيو ويندو. فرينڊس آف انڊس فورم سان گڏ ڪم ڪندي پاڻيءَ جي ورڇ ۽ پاڻيءَ جي مستقل وهڪري لاءِ وڪالت ڪئي ويندي. اهڙين پائدار ۽ سهڪاري پاليسين کي صوبائي ۽ وفاقي سطح تي زور ونرائبو رهبو. جيڪي انهن حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ هجن ته جيئن، مقامي سطح جون رٿائون پاڻيءَ جي انتظام ڪاري جي نافذ ڪرڻ ۽ پائداريت وڌائڻ جي رٿائن ۾ اڳڀرائي ٿي سگهي تنهنڪري انهن ۾ خاص طور تي ڄڌهن پاڻيءَ جي استعمال، فصلن پوکڻ جي طريقن ۽



خطري هيٺ رهندڙ ماڻهن جي لڏپلاڻ کي ذهن ۾ رکي سگهجي ۽ صوبائي ۽ وفاقي حڪمت عملين جي پهلوئن کان لازمي طور سڌارا واڌارا ڪري سگهجن. ان حقيقت کي آڏو رکندي ته هڪ پاسي مقامي سطح جون رٿائون پائدار ماحول ۽ پاڻيءَ جي انتظام ڪاريءَ کي هٿي ونرائڻ لاءِ ضروري آهن ته ساڳئي وقت صوبائي ۽ وفاقي سطح تي پاڻيءَ جي استعمال، فصلن پوکڻ جي طريقن ۽ خطري هيٺ رهندڙ ماڻهن جي منتقليءَ بابت تبديلين کي هٿي ونرائڻ لازمي آهي.

پاڪستان جهڙي ملڪ کي آبهوائي تبديليءَ جي حوالي سان هڪ وسيع تناظر ۾ سوچڻ جي ضرورت آهي ته انهن کي ڪيئن اختيار ڪري سگهبو خاص ڪري ڄڌهن ساحلي علائقن ۾ رهندڙن کي مستقل ٿيڻ لاءِ نه ته گهربل زمين ملي سگهي ۽ نه ئي مستقبل ۾ پاڻيءَ جي جائز ورهاست جي پڪ هجي ته اها ڪيئن ڪئي ويندي.

آبهوائي موافقت ۽ پاڻيءَ جي انتظام ڪاري جي حوالي سان سگهاري سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ ان ڏس ۾ ماڻهن جي قابليت وڌائڻ، هن رٿا جا اهم پهلو آهن. ڊبليو ڊبليو ايف – پاڪستان ليڊ - پاڪستان جي تعاون سان، مقامي ماڻهن ۽ مقامي سرڪاري اختيارين ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ مقامي سطح تي آبهوائي حالتن سان موافقت پيدا ڪرڻ جو رٿيو آهي. جنهن لاءِ اسيمبلين جي ميمبرن، صحافين، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ ڪارپوريشنن ذريعي هڪ گهڻ رخي مهم هلائي ويندي.



